# ماں ڪيئن پلا ڪلاں!؟

(شاعري)

يگوان باباڻي بندو

انٽرنيٽ ايڊيشن: عباس ڪوريجو ويب
وڌيڪ ڪتابن لاءِ ڏسندا رهو.
www.abbaskorejo.com


مان ڪيئن يلا ڪِلان؟
غزل، گيت، نظم
— يگوان ٻاٻاڻي ”بندو“

# تعارف

| | | |
|---|---|---|
| نالو | _ | ڀڳوان ڀاڀاڻي "بندو" |
| پتا جو نالو | _ | سرڳواسي شري لڌارام ڀاڀاڻي |
| ماتا جو نالو | _ | سرڳواسي شريمتي رُڪمڻي ديوي ڀاڀاڻي |
| جنم تاريخ | _ | 5 آڪٽوبر 1954 |
| جنم هنڌ | _ | بئراڳڙھ، ڀوپال (ڀارت) |
| اَباڻو ڳوٺ | _ | ڀٽ شاھ (سنڌ) |
| تعليم | _ | بِي. ڪام. |
| پيشو | _ | رٽايرڊ سِينئر بئِنڪ مئِنيجر |
| اَدب ۽ سماج | _ | سنڌي ۽ هندي ٻوليءَ ۾ شائري |
| شيوا | - | گيت، غزلن ۽ نظمن جو مجموعو "مان ڪيئن پلا ڪلان" شايع ٿيل |
| | - | ٻين ليکڪن جي سنڌي ڪهاڻين، ليکن، ڪويتائُن ۽ ناٽڪن جو هندي ٻوليءَ ۾ ترجمو هندي ۽ انگريزي ٻولين جي چُونڊ ناٽڪن جو سنڌيءَ ۾ ترجمو |
| | - | سنڌي ناٽڪن ۾ اَداڪاري |
| | - | اَدبي سنستا "سِنڌُو" جو پايو وجهندڙ ميمبر |
| | - | ناٽڪ سنستا "درپڻ" جو پايو وجهندڙ ميمبر |
| | - | ساماجڪ سنستا "نَو يُوڪ پريِشد" جو پايو وجهندڙ ميمبر |
| | - | تعليمي سنستا "لڪشمي ديوي وڪيومل شراف ايجوڪيشن سوسائٽي؟" جو جائِنٽ |
| | - | سيڪريٽري |
| | - | تعليمي سنستا "شهيِد هيمُون ڪالاڻِي ايجُوڪيشن سوسائِٽيءَ" جو ورڪنگ ڪميٽي ميمبر |
| | - | گذريل 10 سالن ۾ نَو يُوَڪ پريشد ٻاران هلايل سنڌي ڪلاسن ۾ اٽڪل 1000 ٻارن کي سنڌي لپي لکڻ ۽ پڙهڻ جي سکيا. سال 2008 ۾ پوُج سنڌي پنچايت، سنت هردارامنگر جي سهيوگ سان 50 ٻارن کي سنڌي لپي لکڻ ۽ پڙهڻ جي سکيا. |

اِنعام-اِڪرام، - جهوُليلال اُتسو سمِتِي، سنت هِردارامنگر، ڀوپال پاران ساهتڪار سمان
۽ مان-سنمان - هنِدي ساهتيہ سميلن، پرياگ پاران چينئي (مدراس) ۾ ٽيل سميلن ۾ سنمان
- روٽري ڪلب، بُرهانپور پاران ساهتيہ سيوا پُرسڪار
- مهاراشٽر دَلِت ساهتيہ اآڪادمي، ڀوُساول پاران ساهتہ اِنعام
- مڌيپرديش سرڪار جي ساهتيہ پريِشد پاران ڪويتائن جي مجموُئي ”مان ڪيئِن پلا ڪِلان“ تي اِنعام

–

## تمنا

مُنهنجو  ورثو، منهنجو ماضي
مون ڏنو ناهي، صرف ٻڌو آهي؛
۽
محسوس ڪيو آهي اُنجو وجوُد
وڏڙن جي واتان
اوطاقن ۾ ٿيندڙ
ڪچهرين، قصن ۽ ڪهاڻين ۾،
مون پَسيو آهي اُنجو عڪس
بابا ۽ اَمان جي اکين ۾ تَرندڙ ۽ چمڪندڙ
سارُوُڻين ۾.
مان هاڻي .......
پنهنجي حال کي
ماضيءَ  ڏانهن موڙڻ چاهيان ٿو،
اَباڻي مٽيءَ سان ناتو جوڙڻ
چاهيان ٿو،
پرکڻ ٿو چاهيان وڏڙن جي
اُن سِڪ ۽ حُب کي.
اي وقت!
ڇا مونکي اَهڙو موقعو
نصيب ڪرائي سگهندين؟

## ڌرتي کان ڌار

مان پنهنجيِ مٽيءَ ۾ لڳل،
سُگنڌ سان ڀريل هڪ ٻُوٽو،
هڪ هٽراڏوُ طوُفان سبب
پنهنجيِ زميِن مان اُکڙجيِ،
هوا ۾ اُڏامي
اَچي ڌاري ڌرتيِءَ تي ڪريس!
هتان جيِ آبهوا ۾
منهنجا پَن ۽ ٽاريوُن
خوُب وڌيا ۽ ڦهليا
۽ اڳي کان ٻه وڌيِڪ ساوا ٻٽيا.
پر ..........
منهنجي اَصلي سُگنڌ
مِٽجندي پيئيِ وجي.
هن زمين تيِ_ مان ساون پنن وارو،
ٻين ٻوُٽن جو ياڻُ ۽ ريج ڪسي،
جلدي وڌندڙ ۽
علحدي خوشبوءِ ڏيڻ واري
وڻ جي روُپ ۾
ڄاتو ويندو رهيو آهيان.
پَر هاڻي؟ ...... هاڻي ته .........
منهنجي ٻج مان اُسرندڙ سَلن مان،
اِها الڳ سُجاڻپ جي خاصيت ٻه
ختم ٿيندي پيئي وجي.

## منهنجي سڃاڻپ

آخر ڇا آهي منهنجي سُڃاڻپ؟
منهنجي شڪل؟ منهنجو شرير؟
منهنجو عُهدو؟ منهنجو رُتبو؟
سماج ۾ منهنجي اِميج؟ يا
آئدينٽٽيِ ڪارڊ تي چنبڙيل
مُنهنجو فوٽو؟
نہ ............
مان اِهو سڀ نہ آهيان
در اصل
اِهي سڀ ذريعا آهن
مُون اندر لڪل حيوان کي ڍڪڻ جا
منهنجي صحيح سُڃاڻپ
انهن سينن جي پٺيان لِڪل
شيطان آهي؛ جيڪو
ڪندو آهي ڪوشش
انهن معرفت لڪي رهڻ جي
۽ ..............
وقت پوڻ تي ڏيکاريندو آهي
پنهنجو اَصلي روُپ
ڪنهن نار کي اڪيلو ڏسيِ،
نظر ئي نظر ۾
ڪري ڇڏيندو آهي ڪيس ننگو
۽ لُٽيندو آهي سندس عزت
دل ئي دل ۾،
پر ٻاهران؟..........

چوندو رهندو آهي ڪيس
”ادي“، ”ياپي“، ”پيڻ“.

## ٽُٽل ناتا

ٽُٽل ناتن جي ڏور ڪي
مون ڳنڍ ٻڌي
جوڙي تہ ڇڏيو آهي
پر اُن تي هاڻي
چرچي، طنز ۽
کُلي بحس جهڙا
آلا ڪپڙا
وجهڻ ڪان
ڏڪندو آهيان.

## رَکيا ٻنڌن.

هي راکيءَ جو ڏِڻُ آهي
ناريءَ جي ڪمزوريءَ جي نشاني.
هاڻي ناري ناهي مجبوُر
پُرش پاران حفاظت لاءِ
اَڄ مَرد کي ضروُرت آهي
ناريءَ جي ٻَلَ جي،
عؤرت بنا سندس سُڄاڻپ ڪونهي

ڪو وَجوُد ناهي.
هي ناري!
توُن ئي آهين دُرگا جو روُپ
شڪتيءَ جي علامت
تنهنڪري ......
او منهنجي ڀيڻ،
توُن راکي ڪٽي
نماڻي نظر سان نَہ نِهار!

غزل

ڪيڏو بہ ڪٽي چو نہ هوُ مونکي تو ستائي،
پر ڪا بہ گهڙي ڪين سگهان ڪيس پُلائي.

مجببوُري آ ڪجھ رشتي جي ، ڪجھ دل جي ڪشش آ،
هُئن ڪير پلا ايڏو تو اَجُ ڪنهنکي مجائي.

قابل نہ هُئا جيڪي ڪتي ذڪر ڪرڻ جي،
آ گذري سجي عمر رڳو تنکي پڏائي.

وچ سير چڏي جيڪي ويا سات اَسانجو،
ڪشتي بہ حوالي ڪئي چو تنجي اَلائي.

اوَلاد سنڌيءَ جو وڃي اَڄ پهُتو ڪتي آ،
تو ڪين سگهي هوُ ڏ، ڳ، ٻ، يا ڄ ٻه ٻُڌائي.

واپار ڏنڏي ۾ گهڻو مشهوُر ٿيو پل،
تهذِيب اَباڻي پر آ وينو وڃائي.

نج ڪرم جا ڪيِتا ئي ته هُو لوڙي رهيو آ،
پر هَٿَ ڪٽيِ ’هُن‘ ڏي تو چوي- ’جيئن ٻه هلائي‘.

سگهندين نه پسي راز ”بندا“ ڪنهنجي اندر جو،
هر شخص هتي وينو آهي چهرو رڱائي.

## ڏرتيءَ ڏڪاڙو

پنهنجي ڏرتيءَ تان جو ڏڪاڙو،
تنهنجو ٿيندو ڪٿ نه پُڃاڙو.

جنهنجوُن پاڙوُن ئي پٽجي ويوُن،
تنهنجو پُختو ناهِ نڪانو.

ڪين اُهو ٻجُ فصل کو ڏيندو،
وکڙي ويو جو هِت هُت داڻو.

راند روُد لئہ هر شئہ حاضر،
ٻارُ ماءُ بن، پر آ نِماڻو.

ماءُ وجائي، جان بچايئہ،
پو ٻہ چوائين خود کي سياڻو!

”بندا“ ياڳ قتل تئي ڪيڏو،
ڪين ڏٺو تو وطن اَباڻو.

## غزل

هي شهر اَڄُ اُداسُ آ، مان ڪيئن پلا ڪلان؟
هر شخص بدحواسُ آ، مان ڪيئن پلا ڪلان؟

دوکي ۽ بي حيائي نظر چؤطرف اَچي،
سچو نہ آسپاس آ، مان ڪيئن پلا ڪلان؟

ڪُرسي رُڳو ڪپين نِياڳن ڪي عئش لاءِ،
سپ ڪُجھ تيو خلاصُ آ، مان ڪيئن پلا ڪلان؟

ڪو ڪمُ نہ آهڙو جَهڙو بِہ پلجي ڪڏهن ڪري،
ماڻهوُ ’هو‘ پو بِہ خاصُ آ، مان ڪيئن پلا ڪلان؟

مذهب ۽ راڄنيتِ مُنجهائي ٿي مُلڪ کي،
ٿيو ڏارَ هَڏَ ڪان ماسُ آ، مان ڪيئن پلا ڪلان؟

شيوڪ سڏائي عام جو، عوامَ کي ڦري،
دوکي ۽ نڳي راس آ، مان ڪيئن پلا ڪلان؟

”بندو“ چَري تو ڏِينهُن سچو ڦل فروُٽ، تَہ بِہ،
هر هر چوي- ’اُپاسُ‘ آ، مان ڪيئن پلا ڪلان؟

## غزل

مان پنهنجي آتما کي گهُٽيندو سدا رهيُس،
جذبا اُياري، جَڳَ کي ڦُريندو سدا رهيُس

ڏُکَ جيڪي سامهوُن آيا، پِيَن ڏي ڦتا ڪَيم،
اڳتي وَڌي، سُکن کي جهٽيِندو سدا رهيُس

وينُس پُلائي جيڪي پَلايوُن پِين ڪَيوُن،
اَحسان پنهنجا سَڀَ تي ڳڻيندو سدا رهيُس

محنت مزوُري ڪا بِہ ڪڍهن ڪانہ موُن ڪَئي،
اڳتي وڌڻ جي راهَ تَڪيِندو سدا رهيُس

راحت ڏِنم نہ ڪنهنکي مِنا پولَ کي چئي،
زخمن تي لوُڻ سَڀَ جي مَليندو سدا رهيُس

”بندا“ نِيائي ناتي نہ ڪنهن سان بِہ ڪو سگهيُس،
مطلب جا رشتا ناتا ڳنديندو سدا رهيُس

## غزل

غمن کي تہ دل ۾ لِڪائي ڇڏيوسِين،
خوشين کي ٻين ۾ ورهائي ڇڏيوسِين

ٻڌيو پُر پيالو فقط مُرڪ سان ئي،
زماني کي بس پو پُلائي ڇڏيوسين

نِهاري ۽ مُرڪي جهُڪايل نظر جو،
تصّور دل ۾ سمائي ڇڏيوسِين

پيالا نظر جا تہ پي پي وياسين،
۽ دِيوانو دل کي ٻڌائي ڇڏيوسِين

خلافت ڪئيسين تي جن جن ڪمن جي،
اُنهن ۾ ئي خود کي لَڳائي ڇڏيوسِين

ٻِين جي نظرَ ۾ ملي مانُ تنهن لئِہ

ڪڏهن پاڻَ کي ئي لَڄائي ڇڏيوسِين

کيوسين نہ چا چا چڙهڻ چوٽ خاطر!
اَلا! خود کي ڪيڏو ڪِرائي ڇڏيوسِين

اَسانجي اُصولن جي آڏو جي آيا،
نکاٽي اُنهن کي لڳائي ڇڏيوسين

پيا پل چوَن ڪُجهه بہ "بندا" هي ماڻهوُ،
سِکو پنهنجو کوٽو هَلائي ڇڏيوسين

غزل

لڳي لوڙ پَدَ جي چو تِنکي بہ آهي،
جڳتُ سيِسُ هُئَن ئي تو جِنکي جهُڪائي.

رکي ساڻُ سيئي وسِيلا دُنيا جا،
مگر پو بہ خود کي تي ساڏوُ سڏائي.

'لَڇڻَ' جو نہ ڪوئي قدُر آهي 'هُن' کي،
گڏهَ کي بہ مطلب لئِہ گهوڙو بُڌائي

'سَچَ' سان سُڃاڻَپ تا ڪوُڙا ڪرائِن،

اِنهن رهبَرن کان خُدا ئي بَچائي

گهڻو قيمتيِ آهي بارِش جو پاڻيِ،
ايندُوَ وقت تي ڪم، رکيُوَ جي بَچائي

گهَٽن جي مٿي تان ڪجِي ڇانوَ ويندي،
وِڏوَ جي اگر ڪوئي درخت ڪِرائي

نہ ’سچُ‘، ’ڪوُڙَ‘ جيِ ڳالھ ٿِيندي آ ڪائي،
’صحيح‘ يا ’غلط‘ وقتَ جيِ آ وڏائي

غزل

باھِ پاڻيءَ ۾ توُن لڳائي ڏِسُ،
جوش جذبي ۾ ڪُجھ جڳائي ڏس

ٿاھُ ساگر جو ماپي سگھجي ٿو،

خود کي پربت فقط ٻڌائي ڏِسُ

خوُب پاڻي ٻِ ويندو توکي ملي،
سوڪَ ۾ ڪُجھ پگھرُ وهائي ڏِسُ

پنهنجو پاڻهي روئڻ سکي ويندين،
ٽهڪ تي ٽهڪ کي لڳائي ڏِسُ

مُنهن مُقابل ٿو باھ سان تي سگهين،
ميڻ جيان خود کي بس رِجائي ڏِسُ

خوُب اوُنچائي توکي ويندي مِلي،
هيٺ خود کي ذرا جهُڪائي ڏِسُ

رازُ دُنيا سڄو سَلي ونندي،
ڳالھ جَڳَ کان توُن ڪا لِڪائي ڏِسُ

خود بہ خود ماڻهوُ توسان ويندا جُڙي،
”بندا“ توُن ڪُجھ قدم وڌائي ڏِسُ.

## غزل

ڪلڻ بنا ڪُجھ چوَندو ناھي،
چورُ ڪو ھُنجي مَنَ ۾ آھي

ھِنڪي ھُنڪي ڏئي پيو، شايد
چيز وڏي ٻٽجڻ تو چاھي

نالي خاطر 'پُرشارتيءَ' ڪي،
چڙيو اَٽائيِن پينوُن ناھي

'ڏُڪڙا پنھنجا سليو نہ ڪنھن سان'،
اَھڙا وڏان پيِ تو ناھي

نٽا جي وڪڻ پنھنجو ايمان،
گھرڙا تن جا چڙي تو ڊاھي

پَڪَ ئي سَوارُ گڏ ۾ ڪِرَندو،
اَنڌي گھوڙي تي تو ڪاھي.

پبلڪ ڪافي دوڪو ڪاڏو،
اَصليت ھيٺي ڪُلڻ تي آھي

يَلا چُيبو جو توڪي دِل ۾؟
شعر "بندي" جو تيِر نہ ناھي!

## غزل

گار ڪائي بِہ چا تَتو آهي؟
خوُن شايد سندس ٿڌو آهي

قوم نالي ٻُڌِ گهٽا طعنا،
ظلم ڪهڙو نہ تو سنو آهي؟

ظلم ايڏو سَهڻُ بِہ نيڪ نہ آ،
’مردُ‘ ڪيئَن تو اندر سُتو آهي؟

شيرُ ٻڄجي مُقابلو بِہ تہ ڪر،
هيئَن گيِدي ٿيڻ چڱو ناهي.

اَٽسَهَپ ڏِس وڌي وئِي ڪيڏي،
ڪيرُ ڪنهنجو رهيو سڳو آهي؟

ڏوهُ ڌارين ڪي ڏئُ ڏيوُن ڪهڙو؟
رتُ بِہ اَڄُ پنهنجو ڪِٿ رهيو آهي!

شاهُ ، سامي، سَچل بِہ جِن نہ پڙهيو،
جهندو سِنڌيت جو تِن گنيو آهي.

ٻارَ جيڏو نہ عقل آ هُنَ کي،
ڪيئَن ”بندو“ ٻڍيو وَڏو آهي؟

## غزل

اَفواه اَفواه شهر آ ڪيڏو،
اَصليت کان بيخَبر آ ڪيڏو!

ختم شد ھہ

انٽرنيٽ ايڊيشن: عباس ڪوريجو ويب
وڌيڪ ڪتابن لاءِ ڏسندا رهو.
www.abbaskorejo.com